عبدالفتاح سپرو

# ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعريءَ ۾ تصوف جو فڪر
## (هڪ تنقيدي جائزو)


### *Abstract:*

**A CRITICAL EVALUATION OF MYSTICISM / SUFISIM IN SINDHI POETRY - CLASSICAL PERIOD TO MODERN TIMES**

*Sufism is a code of life which teaches us to lead a simple, pure and abstemious life by waging war against cruelty, injustice, barbarism, selfishness, jealousy, and by purifying our hearts and preaching selflessness, spiritual development, self-recognition, philanthropy, love, fraternity equality, peace and considering pains of humanity to be one's own by preferring love of God and valuing human being. Sufisim and its thought has been the nucleus and central point of every religion in every period. It does not simply believe in rules, but it is a beautiful amalgamation of belief and philosophy, accompanied with actions.*

*Historically speaking, Sufism has witnessed two great periods in Sindhi, first starting with the rise of Vadanayat, Apanshadan, and Bhaghwat Geeta, from 1500 B.C to the 2nd Hijrah, and the second one starting from the 2nd Hijrah to the present time, with the rise of Islam, called the Islamic period.*

*In the history of the development of sufi sect in Sindh, we find the first sufi name of Abu Ali Sindhi who had met the great Islamic sufi of Iran, Bayazaid Bustani (who died in 261 Hijrah, 875 A.D). Abu Ali Sindhi was greatly influenced by him through his teachings, and in return, he also influenced Bayazid through his teachings.*

*The Soomra period is considered to be basic and founding period of the Sindhi literature. During this period, romantic tales, epic poems, epoch tales of generous lords and incidental poems came to be fashioned. During this period, the preachers of different Islamic sects reached Sindh. From amongst them were Qadari, Saharwardi and Ismaeli. The Ismaeli preachers put their message before people in poetic way, which were called "Ginan".*






**تصوف** زندگي گذارڻ جو هڪ ڍنگ ۽ رويو آهي، جنهن جا مول متا آهن، ڏاڍ، ڏمر، جبر، بربريت، ظلم، قهر، نفس پرستيءَ کان بچڻ، ڪيني، حسد، ساڙ ۽ بغض کان پنهنجيءَ دل کي پاڪ ۽ صاف رکڻ، (يعني اندر اجارڻ) روحاني ترقي ڪرڻ، پاڻ سڃاڻڻ، حقيقت سڃاڻڻ، انسان ذات سان اتحاد، امن ۽ پيار محبت ڪرڻ، عدل، انصاف، ڀائپي، مساوات قائم ڪرڻ، ٻئي انسان جي تڪليف کي پنهنجو درد سمجهڻ، انسان جي عظمت ۽ عشق حقيقي تصوف جو روح آهن. تصوف هر دور جي مذهب ۾ مرڪزي نقطو رهيو آهي. خدا پرست انسانن جو اهو عقيدو آهي ته مالڪ مهربان هر هنڌ، هر جاءِ، هر سُو حاظر ۽ ناظر آهي، جيڪو تصوف جو بنيادي اصول آهي، تصوف جو دارومدار فقط عقيدي تي ناهي، بلڪ هي عقيدي ۽ فلسفي جو حسين سنگم آهي. ان بنياد تي اهو چوڻ درست ٿيندو ته تصوف عوامي عقيدن جي ترقي يافته ۽ اعليٰ ارفع صورت گري آهي.

”جيڪو انسان انسانيت جو قدر ڪري ٿو، ڪنهن کي گهٽ نٿو ڄاڻي، سڀ ۾ چڱائي پسي ٿو، جنهن وٽ عاجزي آهي، اهو ئي حقيقت جون راهون ڳولي لهي ٿو، ٻين کان پاڻ کي گهٽ سمجهي ٿو، مشاهدا ماڻي ٿو، تڏهن ئي حقيقي قرب ڪيس نصيب ٿئي ٿو.“(١)

تصوف جي ابتدا بابت محمد حسين ڪاشف جي راءِ آهي ته: ”هن فڪر ڇهين ۽ ستين صدي ق.م. کان به اڳ ۾ باقاعده وجود ورتو آهي. ’آرفيس‘ نالي هڪ شخص انهن ويچارن کي باضابطه شڪل ڏني جيتوڻيڪ سندس خيال ’سامي ۽ زرتشتي‘ عقيدن جو نتيجو هئا. هو انسان ۽ خدا جي وچ ۾ ڳانڍاپي ۽ هم آهنگيءَ جو قائل هو، جنهن لاءِ ’آرفيوف‘، ’تيورا‘ جو لفظ استعمال ڪيو.“ هو اڳتي لکي ٿو ته: ”هر قليطس (٤٧٥-٥٣٨ ق.م.) پهريون صاحب ذهن فرد آهي، جنهن اهو اظهار ڪيو ته، ’مون پنهنجي نفس اندر غوطو لڳائي حقيقت کي تلاش ڪيو آهي. پنهنجي طرف نه پر ڪلمي کي غور سان ٻڌو آهي. هي تسليم ڪرڻ حڪمت آهي ته، سڀئي شيون هڪ ئي وحدت ۾ لاڳاپيل آهن. هو انهيءَ ڪلمي کي ’لوگس‘ جو نالو ڏئي ٿو.... زرتشت خداءِ واحد جي عبوديت جو اعلان ڪيو ۽ ان لاءِ ’اهر مزد‘ جو لفظ استعمال ڪيو. قديم زماني ۾ ’اهورا‘ جو لفظ آريائي خدا جي لاءِ استعمال ڪندا هئا. رگ ويد ۾

انهيءَ لفظ کي ’اشوره‘ سان تعبير ڪيو ويو آهي.“[۲]

محمد حسين ڪاشف يهوديت ۾ تصوف بابت ’عهد نامہ عتيق‘ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو: ”يهودي تصوف جو مرڪزي موضوع عرش يا تخت خداوندي رهيو آهي، جنهن جو ذڪر عهدنامہ عتيق ۾ ’نبي حزقي ايل‘ جي صحيفي جي پهرين باب ۾ لکيل آهي: ’نبي حزقي آيل، هڪ عجيب وغريب نظارو ڏٺو، جنهن ۾ مختلف فرشتا هڪ تخت کي کڻي وڃي رهيا هئا. اهو خدا جي جلال جو اظهار هو.“ اڳتي عيسائيت ۾ تصوف جي فڪر لاءِ لکي ٿو: ”عيسائي صوفيانہ فڪر ۾ ’ڪليمنٽ‘ جي اهم شخصيت آهي. هن جي زندگيءَ جو ڪافي عرصو اسڪندريہ (مصر) ۾ گذريو. فڪري طور تي هو ’فلاطينوس‘ ۽ ٻين فلسفين کان متاثر هو.

’ڪليمنٽ‘ (پيدائش ۱۵۰ع ۽ وفات ۲۱۶ع) جو خيال هو تہ ’خدا انسان جي عقل ۽ حواس کان ايتري قدر ماورا آهي، جو منطقي اصطلاحن جي وسيلي ان جو سمجهائڻ ناممڪن آهي.‘ خدا تائين هو ٽن منزلن جو ذڪر ڪري ٿو. (۱) نفساني طهارت (۲) منطقي تجزيو (۳) مادي ۽ غير مادي شين جي صفات کي ذهن مان يڪسر خارج ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي مسيح جي ذات ۾ گم ڪرڻ. ان بعد ئي تقويٰ جي واديءَ مان گذري ’خداءِ مطلق‘ جو علم حاصل ڪري سگهجي ٿو. ’يوحنا رسول‘ جي مطابق خدا محبت آهي. (يوحنا ۴-۷) خدا نور آهي (يوحنا ۱-۵) خدا روح آهي. (۴-۲۴) حضرت عيسيٰ جو فقرو آهي تہ : ’آسماني بادشاهت اوهان جي اندر آهي، جيڪو پنهنجي نفس کي سڃاڻي ٿو، اهو ان کي حاصل ڪندو.‘ مسلم صوفياءَ جو ’من عرف نفسه، فقد عرف ربه‘ جو قول بہ دراصل انهيءَ صدا جي بازگشت آهي.“[۳]

”ويدانت ۾ احديت کي ادويتا (جو ٻہ نہ هجي) ۽ حقيقت مطلق يا ذات بحت کي پرم يا برهمڻ جو نالو ڏنو وڃي ٿو. هنن جو خيال آهي تہ ’برهمڻ‘ کان جڳ (ڪائنات) جو صدور ٿيو آهي. جيو آتما (انساني روح)، پرم آتما (روح ڪل) کان جدا ٿي آهي. جڏهن جيو آتما تي، پر مايا يا ڪثرت جو فريب ظاهر ٿي وڃي ٿو تہ هو مُڪتي لاءِ ڪو مثال هوندو آهي. پنهنجي اصل يا مُبداءَ ۾ فنا ٿي وڃڻ جي ڪوشش ڪندو آهي انهيءَ جي حاصلات لاءِ مجاهدي رياضت يا عمل ۽ ڪرم جو رستو ضروري آهي. گيتا جي تعليم يا فلاسفيءَ ۾ بنيادي طور تي هيڪڙائيءَ عنصر سمايل آهي.“[۴]

صوفيانہ مسلڪ سان وابستہ ٻي ۽ ٽين صدي هجريءَ ۾ جن بزرگن جا نالا ملن





ٿا، انهن مان حضرت بايزيد بسطاميؒ جو نالو قابل ذڪر آهي. ان ۲۶۱ھ (۸۷۵ع) ۾ وفات ڪئي، تذڪرن مان معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت بايزيد بسطاميؒ جي ملاقات سنڌي بزرگ ابو علي سنڌيءَ سان ٿي هئي. ابو علي سنڌي صوفيانہ تعليم کان واقف هو. حضرت بايزيد بسطاميؒ چوي ٿو تہ مون ڪانئس فنا ۽ توحيد يعني تصوف جو علم سکيو ۽ ابو عليءَ مون کان الحمد شريف ۽ سورة اخلاص جي تفسير معلوم ڪئي، ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ٻي کان ٽين صدي هجريءَ تائين سنڌ ۾ تصوف جي تعليم رائج هئي. بلڪ ان کان پوءِ بہ سنڌ جي عالمن ۾ تصوف جي اصولن جو اثر نظر اچي ٿو. ابو العباس محمد بن محمد وراق ديبلي اصل ۾ ديبل جو رهاڪو هو، ديبل مان عرب دنيا ڏانهن اُسهيو. اتي وڃي علم حديث حاصل ڪري وڏو عالم فاضل ۽ محدث ٿيو. ان کان پوءِ اسلامي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو سير و سفر ڪيائين، ۽ سن ۳۴۵ھ (۹۵۶ع) ۾ وفات ڪيائين. هو محدث بہ هو تہ وڏو عابد ۽ زاهد بہ هو. ’زاهد‘ جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو. ان دؤر جي هڪ ٻئي سنڌيءَ عالم احمد بن سنڌي جو نالو بہ ملي ٿو. جيڪو بغداد ۾ رهندو هو. هو عالم ۽ فاضل هجڻ سان گڏوگڏ عابد ۽ زاهد بہ هو.

مطلب تہ ٽين ۽ چوٿين صدي هجريءَ ۾ اهڙن ڪيترن ئي سنڌي عالمن جا نالا ملن ٿا، جيڪي سنڌ مان وڃي بغداد، بصري ۽ ٻين شهرن ۾ رهيا ۽ اتي ئي عالمي دنيا ۾ پنهنجو نالو ڪڍيائون. هنن جي جيڪا رهڻي ڪهڻي بيان ٿيل آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ، هو صوفيانہ تعليم جو عملي نمونو هئا. اهو ڏيکاري ٿو تہ سنڌ ۾ صوفيانہ تعليم موجود هئي.

مٿين حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ تصوف جو اصطلاح ايترو ئي قديم آهي، جيتري انساني شعور و فڪر جي تاريخ، تصوف ۽ ان جي ماهيت بابت بحث تاريخ جي هر دؤر ۾ رهندو آيو آهي. جيئن محمد حسين ڪاشف پنهنجي مقالي ۾ لکيو آهي تہ: ”انساني خيالن ۽ فڪر جي واڌاري سان گڏ هن فڪر کي ڳولڻ ۽ تلاشڻ جون ڪوششون هميشہ جاري رهيون آهن. نتيجتاً ڪيترن ئي نظرين، راين ۽ روايتن جنم ورتو، تاريخي طور تي هن فڪر لاءِ دؤر قديم کان يوناني تصورات، هندي ويدانت، يهودي تصوف، ٻڌ ڌرم ۾ نرواڻيت وارو فلسفو، عيسائي تصوف، بابلي ۽ مصري اسرار باطنيت، ڪنفيوشسي نظريا، زرتشتي خيالات مختلف صورتن ۽ زاوين ۾ نظر اچن ٿا. هن تصور کي ڪٿي سوفسطائتي، ڪٿي عرفاني تحريڪ، ڪٿي نوفلاطونيت جو نعم البدل

سمجهيو وڃي ٿو. انهن سيني نظامهائي فڪر جو پنهنجو پنهنجو دائرو ۽ پنهنجا پنهنجا تصورات آهن.”[۵]

سومرن جي دؤر کي سنڌي ادب ۾ بنيادي دؤر واري حيثيت حاصل آهي. چاڪاڻ جو هن دؤر ۾ رومانوي داستانن، رزمي واقعن، سخين سردارن جي ڪارنامن ۽ واقعاتي بيتن جو بنياد پيو. قصن ۽ واقعن ذريعي سنڌي بيت ڳاهن جي صورت ۾ ظاهر ٿيا. هن دؤر ۾ مداحيه، هجويه ۽ ملامتي بيتن سان گڏ مذهبي شاعريءَ جو پڻ بنياد پيو. سومرن جي دؤر ۾ مختلف اسلامي فرقن جا داعي تبليغ لاءِ سنڌ پهتا، جن ۾ قادري، سهروردي، ۽ اسماعيلي شامل هئا. اسماعيلي داعين پنهنجو پيغام شاعرانه انداز ۾ سنڌي ماڻهن اڳيان رکيو، جنهن کي ’گنان‘ چيو وڃي ٿو. انهن مان پهريون بزرگ سيد نورالدين ۴۶۲ ھ (۱۰۷۹ع) هو، جنهن سنڌي، هندي ۽ گجراتيءَ جا ڳاڍڙ لفظ ملائي بيت ٺاهي انهن کي اسلامي تعليمات جو ذريعو بڻايو. ان بعد پير شمس سبزواري (۱۰۶۵ع-۱۱۷۶ع) پير شهاب الدين ۽ سندس فرزند پير صدرالدين (۱۲۹۰- ۱۴۰۹) به اهڙي قسم جا تبليغي بيت چيا آهن، جن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ تصوف جي ابتدائي شاعري چيو وڃي ٿو.

”گنان اهو منظوم صوفياڻو ۽ ويدانتي ڪلام آهي، جيڪو يارهين صدي عيسويءَ کان وٺي ارڙهين صدي عيسويءَ تائين ڌار ڌار دؤرن ۾ ڌار ڌار پيرن، مختلف مقامي ٻولين جهڙوڪ: هندي، سنڌي، پنجابي، سرائڪي، ڪڇي، گجراتي ۾ منظوم ڪري، نون اسماعيلي مسلمانن مريدن کي ڏنو انهيءَ ڪري ته جيئن اهي پنهنجي نئين مذهب اسلام جا اصول، ان جي تعليمات، ان جون سمجهاڻيون ۽ ڪريا ڪرم جا طور طريقا، اصول، راز رمزون سندن ئي مقامي زبانن ۾ آسانيءَ سان سمجهي سگهن ۽ انهن کي ياد ڪري سگهن ۽ پنهنجي ايندڙ نسل تائين پهچائي سگهن. انهيءَ ڪري اسماعيلي جماعتي طريقي ۾ گنان کي مذهبي حيثيت حاصل رهي آهي، جنهن ۾ دينيتعليم سان گڏ مذهبي تصوف ۽ ويدانت جي تعليم پڻ ڏنل آهي.“[٦]

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ادب جي تاريخي جائزي‘ ۾ لکي ٿو ته: ”اسلامي مبلغن جي ڪلام ۾ تبليغي نوعيت جا اشعار ملن ٿا، جن ۾ اسلامي اصولن سان گڏ اخلاقي هدايتون، ۽ دنيا جي بي ثباتيءَ جو ذڪر به نظر اچي ٿو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته، روحانيت ۽ تصوف جو مضمون هن دؤر ۾ سنڌي شاعريءَ ۾





داخل ٿي چڪو هو.“[۷]

پير نورالدين اسان کي تصوف جي راهه سمجهائيندي چوي ٿو ته: سڀ کان پهريان نالو الله جو وٺڻو آهي، جيڪو هن ڪل ڪائنات جو مالڪ، خالق ۽ ڪارساز آهي. پوءِ محمد ﷺ جو جيڪو سمورن جهانن لاءِ رحمت اللعالمين بڻجي آيو آهي، جيڪو الله جو سچو نبي آهي. جڏهن ماڻهو اهو رستو وٺندو ۽ اهڙي راه روي هلندو ته اهوئي حقيقي محبوب جو ديدار درشن ماڻين سگهندو.

پهلا نام الله کا ليجئي، دوجها محمد کا ڪيجئي،
ساچا نام نبي کهلا وي، تب شاه کا درشن پاوي.
يا
جو ڄاڻو الله پڇانئي، تو پهلي آپ پڇاڻ،
جو ڪڇ هي پڇانتا، وه سڀ تجهه مانهين ڄاڻ.[۸]

فرمان الاهي آهي ته: ونحن اقرب اليه من حبل الوريد: يعني الله تبارڪ وتعالىٰ انسانن لاءِ فرمائي ٿو ته: ”۽ اسان ڪيس سندس شهه رڳ کان به ويجها آهيون.(جا ڳچيءَ جي ٻنهي پاسن تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي)“[۹]

مطلب ته مالڪ مهربان انسان جي اندر ۾ موجود آهي. اهڙي نموني پير صاحب ٻئي ’گنان‘ ۾ چوي ٿو ته، جيڪڏهن پنهنجي رب کي سڃاڻڻ چاهين ٿو ته پنهنجو پاڻ کي سڃاڻ ۽ جيڪو ڪجهه تون ڄاڻڻ گهرين ٿو اهو پنهنجو پاڻ ۾ ڳول. تون پاڻ کي فنا ڪر، پنهنجي وجود کي وڃاءِ، ڇاڪاڻ ته وجود وڃائڻ کان سواءِ تون الله کي سڃاڻي نه سگهندين. شاهه لطيف به اهڙو ئي درس ڏيندي چوي ٿو ته:

وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئۊ.

ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکي ٿي ته: ”سنڌ جي صوفي بزرگن ۽ ويدانتي شاعرن جي ڪلام وانگر گنان ۾ به انسان ۽ انسان شناسيءَ جي ڳالهين ۽ قدرن جا نقطا سمايل آهن. گنان صوفياڻن نقطن، خيالن،ويدانتي ويچارن، اخلاقي ۽ ناصحاڻين ڳالهين سان ڀريل آهن.“[۱۰]

گنان جي شاعرن بعد سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو پهريون وڏو شاعر قاضي قادن (۸۷۹ - ۹۵۸ھ مطابق ۱۵۵۱ع وفات) آهي، جنهن جو شمار هند توڙي سنڌ جي اعليٰ پايي وارن صوفي شاعرن ۾ ٿئي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو ڪيس سنڌي اساسي شاعريءَ جو

ابو ڪوٺيو ويندو آهي. سندس ڪلام ۾ تصوف جهلڪندي نظر اچي ٿو.

ڪنز، قدوري، قافيه، ڪي ڪين پڙهيام،
اهو پارو ٻئي هيو، جئان پرين لڌام.
يا
اسين سڪئون جن کي، تان سي اسين پاڻ،
هاٿي وچ گمان، سهي سڃاتا سپرين.(١١)

شاهه ڪريم (٩٤٣- ١٠٣٢ھ) جي ڪلام ۾ به تصوف نمايان نظر اچي ٿو ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ آهي ته: ”شاهه عبدالڪريم پنهنجي سلوڪ جي محفلن ۾ تصوف جي ڳُوڙهن رازن ۽ نصيحت آموز موضوعن جي سمجهاڻي ڏيندي پنهنجا ۽ ٻين سالڪن جا بيت فقيرن آڏو پڙهيا، جيڪي پوءِ سندس مريد محمد رضا 'بيان العارفين' ۾ قلمبند ڪيا.“(١٢)

پاٽياريءَ سر ٻهڙيو، جر تي پکي جيئن،
اسان سڄڻ تيئنءَ، رهيو آهي روح ۾.
يا
سوئي هيڏانهن سوئي هوڏانهن، سوئي من وسي،
تي هين سندي سوجهري، سوئي سو پسي.(١٣)

شاهه عنات رضوي، ڪلهوڙن جي اوائلي دؤر ۾ وڏي پايي جو شاعر ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي، جنهن جي پيدائش جو عرصو ڊاڪٽر بلوچ (١٠٣١ھ - ١٠٣٥ھ) مقرر ڪيو آهي، سندس ڪلام ۾ تصوف جا ڪيئي راز ۽ رمزون آهن. جيئن چوي ٿو:

آڏيءَ جو عنايت چئي، اُوءِ الڪ سين اورين،
جهوپا نه جوڙين، مڇڻ پوي وٽ وصال کي.
يا
رکي توڪل تن ۾، ٻهرين پڇائج پاڻ،
سناسي سيد چئي، اهوئي جاڳج جاڻ،
ڪڏي ڇڏج ڪاپڙي، سندو غير گمان،
ٻهرين پلج پاڻ، پوءِ پڇائج پريتڻو.(١٤)





شاهه عنات چوي ٿو ته، جيڪي الله وارا آهن، اهي اڌ رات جو اُٿي پنهنجي مالڪ جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. ساڻس اور ( دلي حال احوال) ڪندا آهن، انهن کي صرف ئي صرف محبوب سان ملڻ جي تات ۽ طلب هوندي آهي، اهي پنهنجون محلاتون، بنگلا ۽ گهر گهاٽ ناهن ٺاهيندا، ڇاڪاڻ جو انهن جو دنيا جي ٺاهه ٺوهه سان ڪوبه واسطو نه هوندو آهي. انهن جي دل ۾ فقط هڪ ئي ڳالهه هوندي آهي ته ڪڏهن ٿو محبوب سان ميلاپ ٿئي. ٻئي بيت ۾ چوي ٿو ته: الله وارن تي دنياوي لاها چاڙها ايندا رهندا آهن، اها توکي ڄاڻ هجڻ گهرجي پر اهڙي وقت ۾ الله تي توڪل رک، پنهنجي پاڻ کي ان مالڪ حقيقي جي محبت ۾ پچائي پختو ڪر. پنهنجي تن من مان غير گمان ڪڍي ڇڏ. اهڙي طرح پاڻ کي پل پوءِ پيچ ته محبت ڇا آهي.

شاهه لطف الله قادري (١٠٢٠ھ - ١٦١١ع کان ١٠٩٠ھ - ١٦٧٩ع) هڪ اهل دل صوفي ۽ پنهنجي وقت جو وڏو بزرگ ۽ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اهم نالو آهي. هن کي شاهه عنات ۽ شاهه لطيف جي وچ واري ڪڙي سمجهيو وڃي ٿو. هن جي ڪلام ۾ ”حق ۽ حقيقت جي تلاش ۾ طالبن ۽ سالڪن جي جدوجهد کي تمثيل طور سامونڊين، ناکئن جو منزل مقصود ڏانهن هاڪاري هلڻ ۽ جوڳين آديسين جو سندن ياترائن خاطر ڪشالن ڪڍڻ سان پيٽي تفصيلي سمجهاڻي ڏنائين.“(١٥) هن پنهنجي ڪلام ۾ تصوف جو هي طريقو ٻڌايو آهي ته:

واحدت سڀ وجود ۾، هيڪا هيڪ پسن،
اُوءِ ٻئايان ٻهار ٿيا، دعويٰ دم نه ڪن،
سي منجهه حيرت رهن، ڪين ڪيائو تڪيو.
يا
اندر اوطاقون اوءِ، سير سبحان جي پئا،
سي پسي پروردگار کي، منا مني وئا،
لا فَاعِلَ فِي الوُجود الا اللهُ، نِڪُنجان نِڪُنج ٿئا،
وادي تنهن وئا، جا نسورئائي 'ناهه' جي.(١٦)

الله هرهڪ وجود ۾ موجود آهي، ان کي اهي ئي ڏسندا، جن جي محبت هڪ سان هوندي، اهي ٻين کان ڌار آهن، ٻي ڪابه دعويٰ نه ڪندا. اهي حيرت ڪندا، جن هڪ هنڌ ويهي رب نه ريجهايو ۽ هيڏانهن هوڏانهن وقت گذاريو پر حقيقت کي رسي نه

سگھيا. ٻئي بيت ۾ چوي ٿو ته: جن سبحان جو ديدار ڪيو انهن جي دل، من اندر محبوب ائين رهيو جيئن ڪو مهمان ڪنهن جي اوطاق تي اچي ۽ ميزبان خوشيءَ ۾ نه ماپي، ان جي خدمت ڪندي نه ڍاپي. اهي الله جي محبت عبادت ۾ اهڙا ته محو ٿي ويا جو پروردگار کي ڏسي انهن سمجهيو ته اسان جو حج به اهوئي آهي. انهن پنهنجي دل مان منيٰ وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏيو، جتي حج جي وقت قرباني ڪئي ويندي آهي ۽ پوءِ حج قبول پوندو آهي. هو چون ٿا ته الله جي وجود ڪانسواءِ اسان ڪوبه ڪم نٿا ڪري سگهون يا اسان ۾ ڪنهن به ڪم ڪرڻ جي طاقت نه آهي پر اهو مالڪ مهربان ئي آهي، جنهن جي توسط سان هر اولو ڪم به سولو ٿي پوي ٿو. آخري سٽ ۾ شاهه لطف الله قادري چوي ٿو ته اهي انهيءَ وادي يا هنڌ پهتا آهن جتي الله پاڻ موجود آهي.

شاهه لطيف (١١٠٢هه- ١٦٨٩ع کان ١١٦٥هه -١٧٥٢ع) جو سمورو ڪلام تصوف جو تاڃي پيٽو ليکيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ جتي تصوف جي سهروردي، قادري، چشتي ۽ نقشبندي طريقن جي موجودگي نظر اچي ٿي. اتي سنڌ جي صوفين وٽ سندن فڪر جي نسبت سان اختيار ڪيل طريقن جي ڪري ڪن نون روين وجود ورتو، انهن ۾ قلندري، اويسي، لطيفي، ميان وال طريقو ۽ ملامتي طريقو شامل آهن. لطيفي طريقي لاءِ محمد حسين ڪاشف لکي ٿو ته: ”هي طريقو عام نه آهي، ليڪن شاهه عبداللطيف ڀٽائي جن ذڪر ۽ فڪر ۽ سماع وغيره جو سلسلو جنهن انداز سان شروع ڪري هڪ روايت جو بنياد وڌو، ان ڪري سندس درگاهه جا فقير ۽ معتقد ان کي لطيفي طريقي سان تعبير ڪن ٿا ۽ سندس ان ذڪر ۽ سماع جو سلسلو تاحال جاري آهي.“[١٧]

شاهه لطيف جي نظر ۾ دنيا جي هر شيءِ اندر محبوب موجود آهي، اجل به اهو ئي آهي ته الله به اهوئي آهي، پرين به اهوئي آهي ته پساهه به اهوئي آهي، جنهن کي ويري ٿا سمجهون واهرو به اهو ئي آهي. وري ٿو چئي ته خط ۽ ڪتابت ڪرڻ وارا جيئن ’ل‘ کي ’ا‘ سان ملائي (لا) لکندا آهن، انهن ٻنهي اکرن جي وچ ۾ ڪائي وٿي يا خال نه آهي، تيئن ئي منهنجي ۽ محبوب جي وچ ۾ ڪائي وٿي ناهي. جيئن لام الف گڏيل آهن مون سان به پنهنجو محبوب ائين ئي گڏ آهي.

سو هي سو هو، سو اجل سو الله،
سو پرين سو پساهه، سو ويري سو واهرو.





يا

ڪاتب لکن جيئن، لايو لام الف سين،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.[١٨]

خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو (١١٨٨هه -١٦٨٠ع کان ١٢٨٢هه - ١٧٧٤ع) نقشبندي سلسلي جو صوفي شاعر ۽ بزرگ هستي ٿي گذريو آهي، جنهن جي مريد ٿيڻ جو ارادو شاهه لطيف به ڏيکاريو هو پر ٿي نه سگهيو. مخدوم عبدالرحيم گروهڙيءَ جهڙو جيد عالم به سندس مريد هو. ڪڇ ڀڄ جي علائقي ۾ سندس ڪيترائي مريد پڻ هئا. سندس سموري شاعريءَ ۾ وحدت ڪثرت ۽ صوفيت جو رنگ جابجا ملي ٿو، هو چوي ٿو ته:

لڳو واءُ وصال، جنين ساعت هيڪڙي،
تن سا لڌي لال، جنهِ لءِ جڳ خلقئو.

يا

نڪي اوڏو اڪ ڪي، نڪي نظرا ڏور،
وڃان ان وهلور، جن ڏٺو اڻ ڏيٺ ۾.[١٩]

روحل فقير به ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ٿي گذريو آهي، هي غلام شاهه ڪلهوڙي جو ملازم هو، پوءِ فقيريءَ جو رنگ لڳس جنهن ڪيس رچائي ريٽو ڪيو، جنهن بعد هن ’ڪنڊڙيءَ‘ کي وسايايو. پاڻ وڏو عالم ۽ فاضل هو. سندس ڪلام ۾ تصوف جو جلوو چٽو پٽو ظاهر آهي. هن جي نظر ۾ هر شيءِ ۾ مالڪ پاڻ موجود آهي اهڙي اپٽار ڪندي چوي ٿو ته:

پپر ۾ پرميشور ته، ٻبر ۾ ٻيو،
نمين ٿو نم کي ته، ڪندو ڪنهن ڪيو.
مندر ۽ مسجد ۾، ٻري هڪ ڏيئو،
’روحل‘ ڪيئن پيو، خلل هن خلق ۾.

يا

پنهنجون اکيون پاڻ ۾، جوڙي رکيون جن،
سَوَ سَوَ ڦيرا ساعت ۾، ٿا پلپل پرين پسن،
تن تحصيلون تمام ڪيون، محبت جن جي من،
روحل مٿان تن، لٿا حرف حساب جا.[٢٠]

مخدوم عبدالرحيم گروهڙي (۱۱۵۲ھ-۱۷۳۹ع کان ۱۱۹۲ھ-۱۷۷۹ع) سنڌ جو مجاهد عالم ٿي گذريو آهي. ذات جو مگريو هو. سندس جنم ڳوٺ واڻ تعلقي ڪپري ضلعي سانگهڙ ۾ ٿيو. سلطان الاولياءَ محمد زمان لنواريءَ واري جو مريد ٿيو ۽ جهاد ڪندي شهيد ٿيو. سندس ڪلام ۾ تصوف جو انداز هنن بيتن مان لکائي سگهجي ٿو.

سسئي جي سمجھ سين، جان پروڙيم پاڻ،
تان پنهون مون پنڌ هو، وڃان هئڙم پاڻ،
ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد، مون ۾ مون هين ساڻ،
وفي انفسکم افلا تبصرون، پنهنجو پسنديس پاڻ،
وهو معکم اينما ڪنتم، هر جاءِ توئي ساڻ،
تل اهو ئي آهيين، ظاهر باطن ڄاڻ،
اينما تولو فثم وجه الله، سمجھ تنهنجو شان،
وڃي جنءَ گمان، سو سسئي آهي سيڪو.(۲۱)

سامي، ڪلهوڙن جي آخري دؤر ۾ شڪارپور شهر ۾ پيدا ٿيو ۽ ٽالپرن جو سمورو دؤر هن پنهنجي اکين سان ڏٺو. سندس پيدائش ۽ ديهانت جا سال ۱۷۳۴ع کان ۱۸۵۰ع آهن. هي سنڌي ويدانتي شاعريءَ جو روشن ستارو هو. سندس ڪلام سلوڪن جي شڪل ۾ موجود آهي، جنهن ۾ ويدانت جي پرچار هر جاءِ ملي ٿي. جيئن چوي ٿو:

پرميشر پرتڪ، سامي سورج جان رهي،
انڌا ڏسن ڪينڪي، پٽي پنهنجي اک،
ڪوه ڪرين جَڪ جَڪ، ٿو در در ديوانن جان.

يا

انڌا ڪين ڏسن، پرتڪ پرميشور کي،
پرم منجهه پلي ڪري، پوندو جان پٽڪن،
سته سڌ سهي ڪيو، سامي سڄاڻن،
رتا رنگ رهن، دئيت وڃائي دل جي.(۲۲)

سچل سرمست (۱۷۳۹ع کان ۱۸۲۹ع) جو ڪلام فارسي، سنڌي، سرائڪي، پنجابي ۽ اردو ٻولين ۾ ملي ٿو. هي اهو ئي سچل آهي، جنهن لاءِ شاهه لطيف چيو هو ته: 'جيڪو کنو اسان چاڙهيو آهي، ان جو ڍڪڻ هي ڇوڪر لاهيندو.' بلڪل ائين ئي





ٿيو، شاهه صاحب جيڪي روحاني حقيقتون مخفي طور بيان ڪيون، سي سچل بي ڌڙڪ ٿي کليءَ طرح بيان ڪيون. انهيءَ ڪري سندس ڪلام رندي، مستي ۽ بيباڪيءَ جو آئينو آهي. سچل جي ڪلام مان پڻ تصوف نمايان نظر اچي ٿو. هو چوي ٿو:

پنهون پنهون تي ڪريان، آءُ پڻ پنهون پاڻ،
اديون ٿيس اڃاڻ، جو ڪين پروڙيم پاڻ کي.

يا

جان پروڙيم پاڻ کي، تا آءُ پنهون آهيان،
ڪنهن طرف ڪاهيان جو طرف مڙئي تم ٿيا.

يا

پيهي پروڙيم، تان پنهون پاڻ ئي آهيان،
پاڻ ئي منجهان پاڻ کي، هي پڙلاءُ پيوم،
صحيح ڪن ڪيوم، ته غير گمان اتي ويا.(23)

سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جا اثر سنڌ جي سمورن ڪلاسيڪل شاعرن تي هڪ ٻئي پٺيان پوندا رهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جا اهڙا ڪيئي جديد شاعر آهن، جن تي پڻ پنهنجي پيشرو شاعرن جا اثر نمايان نظر اچن ٿا. جن ۾ هڪ اثر تصوف جو به نظر اچي ٿو. هتي اسان ڪجھ جديد شاعرن جي شاعريءَ مان مثال پيش ڪريون ٿا. سڀ کان پهريان مرزا قليچ بيگ جي شاعريءَ جو جائزو وٺنداسين. مرزا صاحب چوي ٿو:

چو حسن جي بازار ۾، پيو سير ڪرين؟
دلبر پنهنجو پاڻ، لکو لايو وتين،
غيرت نه اٿئي، شرم نٿو توکي اچي،
هو توکي ڏسي ۽ تون ٻين کي پيو ڏسين.
خودي نه تو ڇڏي، توکي خدا جي ڪهڙي خبر؟
ڇڏيئي نه ڪبر، پوئي ڪبريا جي ڪهڙي خبر؟
ڪڍي جي ڪانه ڪدورت تو قلب پنهنجي مان،
ته توکي صوفي صاف صفا جي ڪهڙي خبر؟(۲۳)

مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي ساراهه، سياسي سماجي حالتن جي عڪاسي، زماني جي حالتن جو ذڪر، حسن و عشق جو ذڪر،

وچوڙي جا ورلاپ، وصال جون التجائون، عاشقاڻي جذبن جي اظهار سان گڏ تصوف جي اپٽار بہ ٿيل آهي. جيئن چوي ٿو:

عبادت الله جي ٿئي، تقويٰ ساڻ تمام،
الفت رک عظيم سان، آهي قرب ۾ ڪمام،
قالو بليٰ قول جو، عاشق! پار انجام،
تہ اظهر من شمس ٿيئي، ناسوت اندر نام،
طالب موليٰ طعام، ڪاءُ تقويٰ جو طلب ۾.[٢٥]

شيخ اياز جديد دور جو وڏو شاعر آهي. جنهن جي شاعريءَ جا ڪيئي پاسا، جن ۾ منظرڪشي، جماليات، پورهيت پچار، مسلسل جدوجهد، قوم پرستي، عدل انصاف جي پنيرائي، انسان دوستي، امن، شانتي نيڪ نيتي، وحدانيت ۽ تصوف جا رمز ملن ٿا. هو چوي ٿو:

جڳ سان ناتو ٽوڙ، ناتو جوڙ الله سان،
اڄ تہ مهاران موڙ، ڏاچي پنهنجي ڏيهہ مان.

يا

اٿي اور الله سان، ٻيائيءَ کي ٻوڙ،
تڏهن پنهنجي توڙ، پهچي ويندين پاڻ کي.[٢٦]

استاد بخاري بہ هن دور جو وڏو شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ قومي سجاڳي، پيار محبت سونهن، سرت، امن، آشتي ۽ تصوف جا نڪتا چٽي نموني سمايل آهن. هو چوي ٿو:

ارادي جو معراج امڪان آهي،
جيئن عربي ٻوليءَ جو قرآن آهي،
خدا نہ تہ خدا جو خليفو وڏو پر،
نگهبان هن جڳ جو انسان آهي.[٢٧]

تنوير عباسيءَ جو نالو بہ جديد شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو، جنهن جي تصوفي شاعريءَ ۾ مسلسل جدوجهد ۽ انسانيت سان پيار جهڙا جذبا ۽ لاڙا موجود آهن. هو چوي ٿو:

حق حق اناالحق حق اناالحق حق،





هٽو دوئي کي ڏک، اناالحق حق اناالحق حق،
محبت جا تون خيما کوڙ، ٻيائي ٻوڙ دلين کي جوڙ،
دوئيءَ کي هڻ ڏک، اناالحق حق اناالحق حق،

يا

تون هڪ آهين
مان هڪ آهيان
هو هڪ آهي
هڪ حق آهي
حق هڪ آهي
سڀ هڪ آهي
سڀ حق آهي
حق حق آهي.[٢٨]

شمشيرالحيدري ور ي چوي ٿو تہ:

چا لڪ پنهنجي ذات لڪايان، پاڻ پنهون آءُ آهيان آهيان،
اصلئون اناالحق الايان، ناهہ ڪيءَ جا ڏاهيان ڏاهيان،
آدم ڪان ٻي اڳ ۾ آهيان، لوح قلم جي بات ٻتايان،
’ڪن فيڪون‘ جي چال چلايان، ڪين منجهانران ڪل بنايان،
سڀ ڪنهن صورت صاحب آهيان، جڳ جڳ پنهنجو روپ مٽايان،
ڪڏهن عيسيٰ موسيٰ آهيان، ڪڏهن ڪرشن، رام سڏايان،
ڪڏهن احمد ناءُ رکايان، ڪڏهن گوتم ٻڌجي گيان ڪمايان.[29]

نوجوان شاعر مور مغيريءَ جا احساس هن ريت آهن تہ:

اسان پيار پالي نپايو آ دل ۾،
اسان لاءِ شيعو نہ ڪوئي سني آ.[٣٠]

انور ڏنگڙائي شاهہ لطيف جي فڪر جي ۽ پيروي ڪندڙ آهي هو چوي ٿو:

هندو مسلمان مٽان مون کي سڏين،
آهيان آءُ انسان، آجو ڌرمي ڏوڙ کان.
گورا، ڪارا، ٻانورا، آهن سڀ انسان،

ساڳيو رنگ رت جو، ساڳيا جذبا جوان،
مذهبي گمان، ماڻهن کي منجهايو.[۳۱]

اهڙيءَ طرح ڪيترائي جديد شاعر آهن، جن جي ڪلام تي تصوف جا اثر نمايان آهن، ڇاڪاڻ تہ هي هڪ ڊگهو تسلسل آهي، جيڪو شاعريءَ ۾ صدين کان هلندو پيو اچي. امن آشتي، پيار محبت، انسانيت ۽ تصوف هن ڌرتي ۽ ماڻهن جو مول متو رهيو آهي، ان ڪري سنڌي شاعري ۾ ان جو هجڻ اٽل آهي. مقالي جي طوالت سبب سڀني شاعرن جو ڪلام هتي بيان نٿو ڪري سگهجي، تنهن ڪري وري ڪنهن ٻئي موقعي تي تفصيل سان بيان ڪيو ويندو.

## حوالا


١. خادم مهر، ’تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ تصوف‘، (مقالو) ’ڪلاچي‘ (تحقيقي جرنل) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ٢٠٠١ع، ص: ١٢٣.
٢. ڪاشف، محمد حسين، ’تصوف جو سنڌي سماج تي اثر‘: ( مقالو) ’ڪينجهر‘ (تحقيقي جنرل) سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٢٠٠٩ع، ص: ٣٦-٣٧.
٣. ساڳيو، ص: ٣٩.
۴. ساڳيو، ص: ۴١-۴٢.
۵. ساڳيو، ص: ۵٠
٦. خواجہ نور افروز ڊاڪٽر، ’سومرن جي دؤر جي ويراڳي شاعري -گنان‘: (مقالو) ’ڪينجهر‘ (تحقيقي جنرل) سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٢٠٠٩ع، ص: ١٠٩.
٧. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جي تاريخي جائزي‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠٠٢: ص: ٣٧.
٨. خواجہ نور افروز ڊاڪٽر، ’سومرن جي دؤر جي ويراڳي شاعري –گنان‘: (مقالو) ’ڪينجهر‘ (تحقيقي جنرل) سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٢٠٠٩ع، ص: ١١٩.
٩. اڀڙو علي خان علامہ، ’قرآن مجيد‘، (سولو سنڌي ترجمو) سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠٠٢ع: ٨١١-٨١٢.
١٠. خواجہ نور افروز ڊاڪٽر، ’سومرن جي دؤر جي ويراڳي شاعري -گنان‘: (مقالو) ’ڪينجهر‘ (تحقيقي جنرل)، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٢٠٠٩ع، ص: ١٢٠.
١١. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، ’قاضي قادن جو رسالو‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ١٩٩٩ع، ٨٣-١٨٢.
١٢. ساڳيو، ص: ١.







١٣. نجم الاسلام، ڊاڪٽر، ’ابيات شاهہ ڪريم‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، ١٩٨٧ع، ص: ١٣-١۵.
١۴. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (تحقيق ۽ تصيح) ’مين شاهہ عنايت جو ڪلام‘، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان، ١٩٦٣ع، ص: ۴٢-۴٧.
١۵. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (تحقيق ۽ تصحيح) ’شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، (مقدمو) ٢٠٠۴ ع، ص: ٢۵.
١٦. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (تحقيق ۽ تصحيح) ’شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٢٠٠۴: ع، ص: ٦-٩.
١٧. ڪاشف، محمد حسين، ’تصوف جو سنڌي سماج تي اثر‘، ( مقالو): ’ڪينجهر‘ (تحقيقي جنرل) سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٢٠٠٩ع، ص: ٧٨.
١٨. دائودپوٽو، گوهر عبدالغفار، ’شاهہ جو رسالو ۽ رسالي جي ڏسٽي‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠٠٩ع، ص: ١٣٠-١٣٨.
١٩. نجم الاسلام، ڊاڪٽر، ’ابيات سنڌي‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو،١٩٩٩ع، ص: ۵-٢٣.
٢٠. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جو تاريخي جائزو‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠٠٢ع، ص: ٨٢.
٢١. دائودپوٽو، عمر بن محمد، شمس العلماءُ، ڊاڪٽر، ’ڪلام گروهڙي‘، سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي، ١٩۵٦ع، ص: ١٩١- ٢١٣.
٢٢. سنڌيلو، عبدالڪريم ڊاڪٽر، ’ساميءَ سنڌيون سپون‘، اسلم ميان، اسلم منزل، لڳ پاور هائوس، لاڙڪاڻو، ١٩۵٧ع، ص: ١.
٢٣. فاروقي جنيد، فاروقي جمشيد، ’سچل سرمست جو ڪلام‘، مراد واهڻ روڊ لاڙڪاڻو، سنڌ، پاڪستان. www. itsgrouplrk.com.
٢۴. بيگ، مرزا قليچ، ’ديوان قليچ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩۵٦ع، ص: ٢٢-٢۴.
٢۵. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جو تاريخي جائزو‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠٠٢ع، ص: ٢٠٨.
٢٦. اياز، شيخ، ’اٿي اور الله سان‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠١٠ع، ص: ۴٣-۵٩.
٢٧. بخاري، استاد، ’سوچون پٽڪا واڪا‘، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، ٢٠٠۴ع، ص: ١٢۴.
٢٨. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، ’تنوير چئي‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي،١٩٨٩ع، ص: ۴٧٠-۵١۵.
٢٩. شمشير الحيدري، ’لاٽ‘، نئون نياپو اڪيڊمي، ٢٠١٢ع، ص: ١٠٩.
٣٠. مغيري، مور، ’ڳوڙها ڳوڙها ڳل‘، سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري، ٢٠١٨ع، ص: ٧۵.
٣١. ڏنگڙائي، انور، ’اُلا عشق جا‘، مرڪ پبليڪيشن ۽ پرنٽرز، ڪراچي، ٢٠١٨ع، ص: ١٣.